# قَبَرَ جا ساٿِي

شَبِ براءَت اجتماعِ جو بيان

3 فيبروري 2026ع

(بمطابق: 15 شعبان، 1447ھ)



شَبِ براءَت اجتماع جو بيان

3 فيبروري 2026ع (بمطابق: 15 شعبان، 1447ھ)

(اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات)

# قَبرَ جا ساٿِي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- پياري آقا جي ملڪ الموت سان ملاقات
- حضرت ملڪ الموت سيني کي ڏسي رهيا آهن
- سورت مُلڪ پڙهڻ جو انعام
- مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جو ثواب

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**هڪ بزرگ تي گذريا آهن: شيخ ابو حفص ڪاغذي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جڏهن انهن جو وصال ٿيو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اُهي پنهنجي هڪ دوست جي خواب ۾ آيا، سندن دوست ڪانئن پڇيو: "ڇا حال احوال آهي؟ قبر ۾ اوهان سان ڪهڙو معاملو ٿيو؟" پاڻ فرمايائون: مون تي وڏي مهرباني ٿي وئي، ڳالهہ هينئن آهي جو جڏهن مون کي قبر ۾ دفن ڪيو ويو، تہ منڪر نڪير (يعني قبر ۾ سوال ڪرڻ وارا فرشتا) پهچي ويا. انهن مون کي اُٿاري ويهاريو ۽ سوال پڇڻ شروع ڪيائون، ايتري ۾ الله پاڪ جو فرمان آيو: اي ملائڪو! رڪجي وڃو!! فرشتا رڪجي ويا. پوءِ حڪم ٿيو: "هن شخص جا گناهہ ڳڻيو! ملائڪن منهنجا گناهہ ڳڻيا، هاڻي تہ مان ڊڄي ويس تہ هيترا سارا گناهہ هوندي مان ڪيئن بخشيو ويندس! هوڏانهن فرشتن کي ٻيهر حڪم ٿيو:"هن شخص دنيا ۾ اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جيڪي درود شريف پڙهيا آهن، هاڻي اهي ڳڻيو!" فرشتن منهنجا پڙهيل درود پاڪ ڳڻڻ شروع ڪيا. خوشقسمتيءَ سان منهنجا پڙهيل درود پاڪ منهنجي گناهن کان وڌي ويا، پوءِ ملائڪن کي حڪم ٿيو تہ:**

حَسۡبُكُمۡ يَا مَلَآئِكَتِى! "اي منهنجا فرشتؤ! ايترو ئي حساب ڪافي آهي." اِذۡهَبُوۡا بِهٖ اِلٰى جَنَّتِىۡ

**"هن ٻانهي کي منهنجي جنت ۾ وٺي وڃو!" (يعني هن جي قبر کي جنت جو باغ بڻائي ڇڏيو). (1)**

---

1… القول البديع، الباب الثانى فى ثواب الصلاة على رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِہ وَ سَلَّم،صفحہ:124۔

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شُمار دُرود
بے عدد اور بے عدد تسلیم | بے شمار اور بے شُمار دُرود
گورِ بیکس کو شمع سے کیا کام | ہو چراغِ سَر مَزار دُرود
قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرود
جان نکلے تو اس طرح نکلے | تجھ پر اے غمزدوں کے یار دُرود
دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے | لب سے جاری ہو بار بار دُرود
اے حسَن خارِ غم کو دِل سے نکال | غمزدوں کی ہے غمگُسار دُرود (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ پياري ڳالھ آهي، قبر جي حساب ڪان، قبر جي عذاب ڪان، منڪر نڪير جي سوالن ڪان نجات حاصل ڪرڻ جو بهترين وظيفو آهي: درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو!

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي- خواجہ ضياءُ الدين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ لکن ٿا: جيڪو شخص نيڪ نمازي هوندو آهي ۽ ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ وارو هوندو آهي تہ قبر ۾ پهچڻ ڪان پوءِ منڪر نڪير (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا ملائڪ) ان ڪان معمولي (*Ordinar*) حساب وٺندا آهن، پوءِ ان جي قبر کي حدِ نگاھ تائين وسيع ڪيو ويندو آهي، قبر نور سان جڳمڳائڻ لڳندي آهي، ايتري ۾ ان جي جنتي زال قبر ۾ پهچي ويندي آهي، ان جي ڳچيءَ ۾ موتين جو هار هوندو آهي، جيئن ئي هي شخص ان هار ڏانهن اشارو ڪندو آهي تہ هار ٽٽي ڪِري پوندو آهي، سندس جنتي زال چوندي آهي: پريشانيءَ جي ڪا ڳالھ نہ آهي، اسان هنن موتين کي ميڙي وٺون ٿا. اُهي ٻئي گڏجي موتي ميڙڻ شروع ڪندا آهن- اجا موتي ميڙي پُورا بہ نہ ڪندا تہ قيامت قائم ٿي ويندي. (2)

---

1… ذوقِ نعت، صفحہ:123-125 ملتقطًا۔

2… برکات درود، ص:17۔

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ درود پاڪ جي برڪت سان ۞ قبر جي تنگيءَ کان بہ نجات ملندي آهي، ۞ اتان جي وحشت ۽ اڪيلائي بہ دور ٿيندي آهي ۞ ۽ قبر ۾ هزارين سالن جو قيام بہ ڪجهہ گهڙين ۾ گذري ويندو آهي- الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي-

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي تہ ائين بہ شعبان جو مهينو يعني درود ۽ سلام جو مهينو جاري آهي. سرڪارِ غوثِ اعظم، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هُوَشَهْرُالصَّلَاةِعَلَى النَّبِيِّ يعني شعبان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ جو مهينو آهي.

تمام اسلامي ڀائر درود ۽ سلام جي مهيني کي ڀرپور جذبي سان ملهائن ۞ پنهنجي گهرن ۾ گهر وارن کي گڏ ڪري ۞ دفترن، فيڪٽرين، دڪانن تي پنهنجي ملازمن سان گڏ ۞ مسجدن ۾ نمازين ۽ ڀاڙي وارن کي گڏ ڪري درود ۽ سلام جون محفلون سجائين، پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب خوب درود ۽ سلام پيش ڪن-

الله پاڪ اسان کي وڌ کان وڌ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرود پڑھو | مُحِبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر دُرود پڑھو
جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیش تَر دُرود پڑھو
ہزار درد کو یہ ایک دَوا کِفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خَطر دُرود پڑھو
خدا تو بھیجے ہے صَلُّو و سَلِّمُو کا خِطاب | تم ایسے بیٹھے ہو کیوں بے خبر دُرود پڑھو (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... نورِ ايمان، صفحہ:56-57 بتقدم وتاخر-

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيانَ ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اڄ شعبان شريف جي 15 هين رات يعني شبِ براءَت آهي ۞ تمام گهڻين برڪتن واري ۞ عظمتن واري ۞ ڀلاين واري رات آهي ۞ اڄ جي رات دعائون قبول ٿينديون آهن ۞ روزي تقسيم ڪئي ويندي آهي ۞ ۽ سموري سال جي رزق جو اڄ جي رات فيصلو ٿيندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن شعبان جي وچ واري (يعني 15 هين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن جو روزو رکو، بيشڪ ان رات سج لهڻ سان ئي الله پاڪ پنهنجي شان جي لائق دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ ارشاد فرمائيندو آهي ۞ اَلَا مِنۡ مُسۡتَغۡفِرٍ لِیۡ فَاَغۡفِرَ لَهٗ آهي ڪو مون کان مغفرت گهرڻ وارو تہ مان کيس معاف ڪريان ۞ اَلَا مُسۡتَرۡزِقٌ فَاَرۡزُقَهٗ آهي ڪو رزق گهرڻ وارو تہ مان کيس رزق عطا ڪريان ۞ اَلَا مُبۡتَلٰی فَاُعَافِيَهٗ آهي ڪو پريشان حال تہ مان سندس پريشاني دور ڪريان، آهي ڪو اهڙو، آهي ڪو اهڙو، فجر تائين اِهو اعلان ٿيندو رهندو آهي.[2]

ڪشتِ اُمِّيد پہ ہے فَضۡلِ خُدا آج کی رات | ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات

---

1... بخاری، كِتَاب بَدۡءُ الۡوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

2... ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ والسنۃ فیہا، باب ما جاء فی لیلۃ...الخ، صفحہ:225، حديث:1388۔

| | |
|---|---|
| کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات | پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات |
| مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو | مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات |
| کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائل | آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات |

هڪ شاعر لکيو آهي:

| | |
|---|---|
| آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات | لطف وکرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات |
| بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی | خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات |
| جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا | اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات |
| غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے | یہ جاں فزا ہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات |
| کر لو مرض کے واسطے رب سے دُعا ابھی | یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات |
| دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت | اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات |
| راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں | صلح وصفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات |

الله پاڪ اسان کي اڄ جي مقدس رات جون برڪتون نصيب فرمائي، ڪاش! اڄوڪي رات جي صدقي، اسان گنهگارن کي بخشش ۽ مغفرت جو پروانو نصيب ٿي وڃي. اٰمِین بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

| | |
|---|---|
| مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی | پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی |
| مجھ گنہگار کی اِلتجاء ہے | یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا جي ملڪ الموت سان ملاقات

حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته معراج جا گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معراج جي رات جڏهن آسمانن جو

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:136۔

سير فرمائي رهيا هئا تہ ان دوران چوٿين آسمان تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ فرشتي کي وينل ڏٺائون، هڪ وڏي تختي سندس اڳيان رکيل هئي، ويجهو ئي هڪ وڏو وڻ هو، جنهن جون ٽاريون اوڀر کان اولهہ (*East to West*) تائين پکڙيل هيون، اهو فرشتو ان وڻ ڏانهن غور سان ڏسي رهيو هو، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: هي فرشتو ڪير آهي؟

حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ۞ لذتن کي مٽائڻ وارو، ۞ دوستن کي جدا ڪرڻ وارو ۞ عورتن کي بيواهہ ۞ ۽ ٻارن کي يتيم بڻائڻ وارو ۞ وڏن وڏن محلن (***Palaces***) کي ويران ڪرڻ وارو ۞ ۽ قبرستان کي آباد ڪرڻ وارو يعني ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام آهي.

پوءِ حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو: اي عزرائيل (عَلَيْهِ السَّلَام)! هي اڳين ۽ پوين جا سردار، محبوبِ ربّ غفار حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن- اِهو ٻڌي حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام اٿيا، رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سلام ورتائون، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڳلي ملڻ جي سعادت حاصل ڪيائون ۽ محبت جي جذبي ۾ سرشار ٿي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني مبارڪ چمي ڪين پنهنجي پرسان ويهڻ جي درخواست ڪيائون- پوءِ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا ٿا چاهيو؟ (يعني منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟) پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هيءَ جيڪا تختي توهان جي اڳيان رکيل آهي، اِها ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ سموري مخلوق جا روحَ منهنجي قبضي ۾ ڏنا آهن، هن تختي تي انهن جي تفصيل(*Details*) لکيل آهي، هِن جي ذريعي مان انهن جو حساب رکندو آهيان-

پياري آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: هي ايڏو وڏو وڻ ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: هن وڻ جا پن مخلوق جي تعداد برابر آهن، ڪو بہ انسان اهڙو نہ آهي جنهن جي نالي جو پَنُ هن وڻ ۾ نہ هجي، جڏهن ڪو انسان بيمار ٿيندو

آهي تہ سندس نالي وارو پن پيلو ٿي ويندو آهي، جنهن مان مون کي معلوم ٿيندو آهي تہ فلاڻو شخص بيمار آهي- پوءِ انهن هڪ پيالو (*Bowl*) ڏيکاريندي عرض ڪيو: جڏهن پَنُ پيلو ٿي ويندو آهي تہ مان هن پيالي جي پاڻي مان ان پڻ تي ڇنڊو هڻندو آهيان، جيڪڏهن پن پنهنجي اصلي رنگ تي اچي ويو تہ مطلب تہ اهو شخص ان بيماريءَ کان شفا حاصل ڪري وٺندو ۽ جيڪڏهن پن پنهنجي اصلي رنگ تي نہ آيو ۽ ڪارو ٿي ويو تہ مان سمجهندو آهيان تہ سندس موت جو وقت ويجهو اچي ويو آهي- مان ان پن کي ڏسندو رهندو آهيان، جڏهن اهو پن وڻ مان ڪِري پوندو آهي تہ معنيٰ سندس موت جو وقت اچي ويو آهي، پوءِ جيڪڏهن اُهو شخص نيڪ هوندو آهي تہ مان سهڻي شڪل ۽ صورت ۾ ان وٽ ويندو آهيان ۽ سندس روح قبض ڪري ڪيس راحت ۽ خوشبو ۾ رکندو آهيان پر جيڪڏهن اهو شخص گنهگار هوندو آهي تہ خوفناڪ شڪل ۾ وٽس ويندو آهيان، هُو مون کي ڏسي دانهُون ڪندو آهي: اي ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام! منهنجا گناهہ وڏي ويا آهن، منهنجو اعمال نامو گناهن سان ڪارو ٿي ويو آهي، افسوس! هاڻي رخصت جو وقت اچي ويو آهي، مون کي ڪجهہ مهلت ڏيو! تہ جيئن مان الله پاڪ جي حضور ۾ ڪجهہ ٻوڙها ٻاڙي وٺان، ٿورو وقت ڏيو تہ جيئن مان پنهنجن گناهن کان توبهہ ڪري وٺان- مان ڪيس چوندو آهيان: ناممڪن...!! اِهو تہ بلڪل ناممڪن آهي- پوءِ مان سندس روح قبض ڪري وٺندو آهيان.[1]

دِلا غافِل نہ ہو یکدم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے | بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بُھول کر سامان چلنے کا | زمیں کی خاک پر سونا ہے اینٹوں کا سرہانا ہے
نہ بیلی ہو سکے بھائی، نہ بیٹا، باپ تے مائی | تُو کیوں پھرتا ہے سودائی عمل نے کام آنا ہے
عزیزا! یاد کر جس دِن کہ عزرائیل آئیں گے | نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تُو نے جانا ہے
غُلامؔ اک دَم نہ کر غفلت، حیاتی پر نہ ہو غَرّہ | خُدا کی یاد کر ہر دَم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... سُلْوَةُ الْعَارِفِين،باب ذکر ملک الموت،جلد:2،صفحہ:212 - 215 ملتقطًا۔

# ڪير موت کي وڌيڪ ياد رکندو آهي

اي عاشقانِ رسول! هن عبرتناڪ روايت مان معلوم ٿيو تہ اسان مان هر هڪ جي موت جو وقت مقرر ٿيل آهي، حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام هر پل اسان ڏانهن توجهہ لڳايو ويٺا آهن، جڏهن بہ جنهن جو بہ وقت اچي ويندو آهي تہ پوءِ ان کي هڪ گهڙيءَ جي بہ مهلت نہ ڏيندا آهن، فوراً سندس روح قبض ڪري وٺندا آهن. هاءِ! افسوس! اسان اِن حقيقت کي ڄاڻيندا بہ آهيون، مڃيندا بہ آهيون، پر ڄاڻي واڻي اڻڄاڻ بڻجي رهيا هوندا آهيون، غفلت ۾ پيا هوندا آهيون، پر ياد رکو! اسان موت کي ياد ڪريون يا نہ ڪريون، نيڪ اعمال ڪري آخرت جي تياري ڪريون يا نہ ڪريون، موت هر حال ۾ ايندو ۽ اچي ئي رهندو، حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام نہ پهريان ڪنهن کي مهلت ڏني آهي ۽ نہ ئي اسان کي ڏيندو- تنهنڪري عقلمند اُهو آهي جيڪو زندگيءَ ۾ ئي موت کي ياد رکي ۽ ان جي لاءِ تياري ڪندو رهي- سيپارو: 29، سورت مُلڪ، آيت: 2 ۾ الله پاڪ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اَلَّذِیۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَیٰوۃَ لِیَبۡلُوَکُمۡ اَیُّکُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ (پارو: 29، سورة ملڪ: 2) | ترجمو ڪنز العرفان: (الله اهو آهي) جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ڪري تہ توهان مان ڪير وڌيڪ سٺا عمل ڪرڻ وارو آهي. |

علماءِ ڪِرام هن آيت جو هڪ مطلب هي بہ ٻڌايو آهي تہ الله پاڪ زندگي ۽ موت پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي جاچ ڪئي وڃي تہ توهان مان ڪير موت کي ياد رکڻ وارو آهي ۽ ان جي لاءِ خوب تياري ڪرڻ وارو آهي؟ [1]

## حضرت ملڪُ الموت سيني کي ڏِسي رهيا آهن

امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام روزانو (*Daily*) هر گهر ۾ 5 ڀيرا ۽ هڪ روايت موجب 7 ڀيرا تشريف کڻي

1... شُعَبُ الْاِیمان،باب:فی الزہد و قصر الامل،جلد:7، صفحہ: 408 ملتقطًا۔

ايندا آهن ۽ ڏسندا آهن تہ هتي ڪو اهڙو تہ نہ آهي جنهن جو روح قبض ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هجي.[1]

الله! الله! پيارا سلامي پائرو! غور تہ فرمايو! ڪيڏي نہ عبرت جي ڳالهہ آهي، اسان غفلت ۾ پئجي ويندا آهيون، فضول ڳالهين ۾ پئجي ويندا آهيون، گناهن ۾ مشغول رهندا آهيون، ٻئي طرف لذتن کي ختم ڪرڻ وارا حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام هر وقت اسان جي تاڙَ ۾ آهن، يعني اسان موت کان غافل، هن دنيا جي عارضي ۽ فاني زندگي تي مطمئن آهيون جڏهن تہ موت هر وقت اسان جي سِرَ تي بيٺو آهي.

| | |
|---|---|
| کتنی بے اعتبار ہے دُنیا | موت کا انتظار ہے دُنیا |
| گرچہ ظاہِر میں صُورتِ گُل | پر حقیقت میں خار ہے دُنیا |
| ایک جھونکے میں ادھر سے ہے اُدھر | چار دِن کی بہار ہے دُنیا |
| زندگی نام رکھ دیا کس نے | موت کا انتظار ہے دنیا |

## اڪيلو توڪي ئي وڃڻو آهي

پيارا اسلامي پائرو! تشويش ۽ انتهائي تشويش جي ڳالهہ آهي، قبر ۾ اسان سيني کي وڃڻو آهي پر هاءِ افسوس! اُتي ڪو اسان جو ساٿي نہ هوندو، اڄ دنيا ۾ جيڪڏهن سفر تي وڃڻو هجي، مثال طور رات وڏيڪ تي وئي هجي، سنسان رستن تان گذرڻو هجي تہ اسان انتظام ڪري وٺندا آهيون، ٻہ چار دوست گڏ وٺي ويندا آهيون پر قبر...!! افسوس! قبر انتهائي سنسان آهي، اتي وحشت ئي وحشت آهي، هزارين خطرن سان ڀريل آهي، ان جي باوجود اتي اسان ڪنهن کي ٻہ پاڻ سان گڏ نٿا وٺي وڃي سگهون، پيارن کان ٻہ پيارا، اسان جي لاءِ جانِ ڏيڻ وارا ٻہ اوڏانهن اسان سان گڏ نہ هلندا، اڪيلو ئي مَٽين مِٽيءَ هيٺ دفن ڪري واپس موٽي ايندا.

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

1... شرح الصدور،الباب الثالث عشر باب ما جاء فی ملک الموت و اعوانہ،صفحہ:43 ملتقطًا۔

وَ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ تَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ‌ۚ

(پارو: 7، سورة انعام: 94)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان اسان وٽ اڪيلا آيا جيئن اسان توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هو ۽ توهان پنهنجي پٺيان اُهو سڀ مال ۽ متاع ڇڏي آيا جيڪو اسان توهان کي ڏنو هو.

دِلا غافِل نہ ہو یک دَم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے
بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
تِرا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سَیج پھولوں پر
یہ ہوگا ایک دن بے جاں اِسے کیڑوں نے کھانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سِرہانا ہے
نہ بَیلی ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی
تُو کیوں پھرتا ہے سَودائی عمل نے کام آنا ہے

## اسان ۾ توهان جهڙا هئاسين

حضرت يزيد بن شُريح رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان قبرستان ويس، مون هڪ قبر مان آواز ٻڌو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اڄ توهان اسان کي هن حال ۾ (مَٽِين مٽيءَ هيٺ دفن ٿيل) ڏسي رهيا آهيو، ڪڏهن اسان به توهان جهڙا هئاسين، توهان جيان ئي زندگي گذاريندا هئاسين، توهان جهڙي ئي شڪل ۽ صورت تي هئاسين، پر افسوس...!! هاڻي هي ويرانو آهي، جتي هوا مٽي اڏائي رهي آهي ۽ اسان هن ويران کڏ ۾ قيد آهيون، اسان مان ڪو به توهان ڏانهن موٽي نه ايندو پر ها! عنقريب توهان اسان وٽ اچي ويندؤ. (1)

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب القبور، جلد:6، صفحہ:59، رقم:18۔

اللہ! اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اِها ڳالھ سچي آهي، بلڪل سچي آهي، توهان هن حقيقت کي پنهنجي دل ۽ دماغ تي طاري ڪريو! يا نہ ڪريو! قبر جي وحشت جي خيال کي پلي وِساري ڇڏيو پر ڪڏهن بہ نہ بدلجڻ وارو سچ اِهو ئي آهي تہ جيڪا حالت اڄ قبرستان وارن جي آهي، عنقريب اهڙي حالت اسان جي بہ ٿيڻي آهي- افسوس! ۞ اسان جا هي گوشت سان ڀريل، ڳاڙها ڳلَ جن کي ڏسي اسان خوش ٿيندا آهيون، عنقريب قبر ۾ لهڻ کانپوءِ هي گوشت ڇڻي ويندو ۞ اسان جون پياريون پياريون اکيون پگهرجي وهي وينديون ۞ طاقتور ٻانهُن جو سمورو زور ٽٽي ويندو ۞ پِنيُون ٽڪرا ٽڪرا ٿي مٽيءَ ۾ ملي وينديون ۞ ويڪرو سينو جنهن کي تاڻي هلڻ وقت خوشيءَ ۾ نہ ماپندا آهيون عنقريب قبر ۾ چڪناچور ٿي ويندو- هاءِ! افسوس! جيڪو حال اڄ قبرستان وارن جو آهي، تمام جلد اسان جو بہ اهڙو ئي حال ٿيڻ وارو آهي.

| | |
|---|---|
| گھُپ اندھیرے کا بھی وَحشت کا بسیرا ہو گا | قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یاربّ! |
| گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ | ہائے بربادی! کہاں جا کے چھپوں گا یاربّ! |
| ڈنک مچھر کا سہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر | قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یاربّ! |
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی | ہائے! میں نارِ جہنَّم میں جلوں گا یاربّ! |
| عَفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا | گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یاربّ! (1) |

## مُردي کي ٽِن ڏينهن کان پوءِ ڏسو تہ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مرڻو ئي مرڻو آهي، قبر ۾ لهڻو ئي لهڻو آهي پر هاءِ افسوس...!! قبر جو معاملو آسان نہ آهي- حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هڪ ڀيري پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ کي فرمايو: ڀاءُ! موت جي ياد منهنجي ننڊ ڦِٽائي ڇڏي آهي، مان سڄي رات جاڳندو رهيس ۽ قبر وارن جي باري ۾ سوچيندو رهيس- اي منهنجا ڀاءُ! جيڪڏهن تون 3 ڏينهن کان پوءِ مردي کي سندس قبر ۾ ڏسين تہ دنيا ۾ ڊگهي عرصي تائين ساڻس گڏ رهڻ

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:84-85 ملتقطاً-

جي باوجود توکي ان کان وحشت ٿيڻ لڳندي، جيڪڏهن تون سندس گهر يعني قبر جو اندريون حصو ڏسين ۞ جنهن ۾ جِيتَ ڳُهمي رهيا آهن ۽ سندس جسم کي کائي رهيا آهن ۞ سندس جسم مان پونءِ وهي رهي آهي ۞ سخت بدبوءِ اچي رهي آهي ۞ سندس ڪفن پراڻو ٿي چڪو آهي- هاءِ! هاءِ! غور ته ڪر! اهو ئي مردو جڏهن زنده هو ته خوبصورت هو، خوشبو به سٺي استعمال ڪندو هو، ڪپڙا به سهڻا پائيندو هو...!! راوي چئي ٿو ته ايترو فرمائڻ کان پوءِ حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه تي رقت طاري ٿي وئي، ڪانئن دانهَن نڪري وئي ۽ بيهوش ٿي ويا.[1]

اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر | کروں گا کیا جو تو ناراض ہو گیا یا ربّ[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اِها آهي قبرن ۾ موجود ماڻهن جي حالت، افسوس! عنقريب اسان جو به اهڙو ئي حال ٿيڻ وارو آهي-

## مان اڳ ۾ بادشاهه هئس

روايت آهي ته: هڪ دفعو الله پاڪ جا نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڪٿان گذري رهيا هئا ته پاڻ هڪ انساني کوپڙي ڏٺائون. چوته پاڻ الله پاڪ جا نبي آهن ۽ مئلن کي زنده ڪرڻ سندن خاص معجزن مان آهي، تنهنڪري پاڻ ان کوپڙيءَ کي نوڪر هٽي فرمايائون: تَكَلَّمِيۡ بِاِذۡنِ اللّٰهِ الله پاڪ جي حڪم سان مون سان ڳالهاءِ!

ايترو چوڻ هو ته ان کوپڙيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو، عرض ڪيائين: اي روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام! مان پهريان بادشاهه هيس، منهنجي سلطنت تمام گهڻي وسيع هئي، هڪ ڏينهن مان پنهنجي دربار ۾ وينو هئس، عظيم الشان تاج منهنجي مٿي تي هو، منهنجو لشڪر ۽ وزير مشير منهنجي چوڌاري موجود هئا، اوچتو، بلڪل اوچتو ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام ظاهر ٿيا ۽ هڪ لمحي ۾ انهن

---

1... احياء العلوم،كتاب ذكر الموت و ما بعده،بيان حال القبر و اقاويلهم عند القبور،جلد:4،صفحه:588۔

2... وسائلِ بخشش، صفحه:78۔

منهنجو روح قبض ڪري ورتو، افسوس ....!! اُها پريل دربار هڪ لمحي ۾ اڪيلائپ ۾ بدلجي وئي، هاءِ! هاءِ! اهو رعب ۽ دٻدٻو، جان گهوريندڙ منهنجو لشڪر، اهو پيار ۽ محبت يڪدم وحشت ۽ غربت ۾ تبديل ٿي ويو. (1)

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اِهوئي حال آهي، ها اهوئي حال آهي، جيڪو عنقريب اسان تي بہ طاري ٿيڻو آهي، ها! ها! اسان سڀئي بہ ان وحشت ۽ تنهائي، غربت ۽ مفلسيءَ جو شڪار ٿيڻ وارا آهيون، جيڪڏهن بادشاهن جو لشڪر ڪين بچائي نہ سگهيو تہ اسان جا ٻہ چار دوست بہ اسان کي بچائي نہ سگهندا، جيڪڏهن بادشاهن جو تاج ۽ تخت ۽ اونچا اونچا محل ڪين موت کان بچائي نہ سگهيا تہ پوءِ اسان جا ننڍا ننڍا گهر، معمولي عزت ۽ شهرت بہ اسان کي بچائي نہ سگهندي، افسوس! ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي ايندا، روح ڪڍيو ويندو، آخري هِڏڪي ايندي، نظرون چت ۾ لڳي وينديون ۽ هيءَ سموري دنيا، پنهنجي بيشمار خوبصورتين سميت اسان جي لاءِ هڪدم پَرائي ٿي ويندي.

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے / یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے
ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے / مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے / زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
یہی تجھ کو دُھن ہے رہُوں سب سے بالا / ہو زینت نرالی ہو فیشن نرالا
جیا کرتا ہے کیا یونہی مرنے والا؟ / تجھے حسنِ ظاہر نے دھوکے میں ڈالا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے / یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

## خاڪِ ميڙڻ وارا مُردا

روايت آهي: هڪ ڀيري حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي آيا، الله پاڪ جي نبي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏٺائون تہ اُهي سمنڊ جي ڪناري تي

1... مکاشفۃ القلوب، باب فی بیان شدۃ الموت، صفحہ:244 بتغیر قلیل۔

هڪ جهوپڙي ٺاهي رهيا آهن، پڇيائون: اي الله پاڪ جا نبي! هي ڇا آهي؟ فرمايو ويو: اي جبرائيل! جنهن کي موت اچڻو آهي، ان جي لاءِ ته هيءَ به تمام وڏي آهي- حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! عنقريب هڪ قوم ايندي، جن جون عمريون 60 کان 70 سالن جي وچ ۾ هونديون پر اهي سِرُن ۽ پٿرن سان مضبوط گهر ٺاهيندا- اهو ٻڌي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: افسوس! اُهي ماٺهو خاڪ گڏ ڪندا رهندا، ايسيتائين جو مري ويندا. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان جو حال آهي، اسان جون عمريون ٿوريون آهن پر خواب تمام وڏا وڏا آهن، اسان عمارتون ٺاهيندا آهيون ته صدين جي پلاننگ ڪندا آهيون ۞ انجنيئرن کان حساب ڪرائيندا آهيون ۞ عمارت ۾ ڪيترو لوهه وجهون ۞ ڪيترو سيمينٽ وجهون ته جيئن عمارت گهٽ ۾ گهٽ 200 سالن تائين مضوط بيني رهي. افسوس! ۞ ڪيتريون ئي عمارتون آهن، جيڪي اڄ به جيئن جو تيئن موجود آهن پر انهن کي ٺهرائڻ وارا قبرن ۾ پهچي چڪا آهن ۞ ڪيترائي کنڊرات دنيا ۾ جڳهه جڳهه تي موجود آهن پر انهن جا رهواسي فنا ٿي چڪا آهن پر افسوس! اسان انهن مان عبرت نه ٿا حاصل ڪريون، افسوس! اسان پاڻ نه ٿا سنڀاليون.

## بي وفا دنيا تي اعتبار نہ ڪر

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَسَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿۴۵﴾ (پارو: 13، سورة ابراهيم: 45) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان انهن جي گهرن ۾ رهيؤ جن پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان جي لاءِ بلڪل واضح ٿي ويو هو ته اسان انهن جو ڪهڙو حال ڪيو ۽ اسان توهان جي واسطي مثال بيان ڪيا. |

1... مكاشفة القلوب، باب فى بيان شدة الموت، صفحہ:244 بتغير قليل۔

اي عاشقان رسول! عبرت جي ڳالهه آهي، تورو غور فرمايو! هيءَ زمين جتي اڄ اسان جو گهر آهي، اڄ کان ڪجهه صديون پهريان بابت سوچيو! ۞ ان وقت هتي ڪير رهندو هو؟ شايد اسان نه ڄاڻندا هجون ۞ اهو ڏسڻ ۾ ڪيئن هو؟ ۞ ڇا ڪائيندو پيئندو هو؟ ۞ ان وٽ پئسو ڪيترو هو؟ طاقت ڪيتري هئي؟ شايد اسان نه ڄاڻندا هجون ۞ هاڻي اهو ڪٿي آهي؟ سندس قبر جا نشان به شايد موجود نه هجن، اِها آهي دنيا...!! هاڻي تورو 100، 200 سال پوءِ بابت سوچيو! ۞ هاڻي جنهن گهر ۾ اسان رهون ٿا، 2 صدين کان پوءِ هتي ڪير رهندو؟ اسان نه ٿا ڄاڻون ۞ اهو ڏسڻ ۾ ڪيئن هوندو؟ ۞ سندس زندگي گذارڻ جو طريقو ڪيئن هوندو؟ اسان نه ٿا ڄاڻون ۞ ان وقت اسان ڪٿي هونداسين؟ اتي ئي جتي اسان کان اڳ وارا پهچي ويا، شايد ان وقت اسان جي قبرن جا نشان به مٽجي چڪا هوندا. جيئن اڄ اسان هن دنيا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي وينا آهيون، شايد اسان کان اڳ وارا به ائين ئي سمجهندا هوندا ۽ ممڪن آهي ته اسان کان پوءِ وارا به ائين ئي سمجهن پر **حقيقت هيءَ آهي ته هيءَ دنيا نه اسان کان اڳ وارن جي ٿي سگهي ۽ نه اسان کان پوءِ وارن جي ٿيندي ۽ نه ئي اسان سان باوفا آهي- هيءَ دنيا اڳ وارن جي لاءِ به هڪ ڌوڪو هئي، اسان جي لاءِ به هڪ ڌوڪو آهي.**

## هي سنڀلجَڻ جو وقت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالهه بلڪل حقيقت آهي ته اسان جي ذهنن ۾ تمام گهڻا منصوبا *(Plans)* هوندا، اسان جي دلين ۾ تمام گهڻا خواب هوندا، اسان روزانو پنهنجي مستقبل جي لاءِ تمام گهڻو سوچيندا آهيون، ڪيترائي نوان نوان منصوبا تيار ڪندا آهيون پر اصل حقيقت *(Reality)* اِها ئي آهي ته ...!! جڏهن ملڪ الموت (يعني موت جو فرشتو) حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف ڪٽي ايندو، ان کان پوءِ ڪو به منصوبو، ڪو به خواب باقي نه رهندو، تڏهن صرف هڪ ئي شيءِ باقي رهندي ۽ اُهي اسان جا اعمال آهن- تنهنڪري اسان کي هن دنيا ۾ اڳتي هلي ڇا ڪرڻو آهي، سنو گهر، سني گاڏي، سنو ڪاروبار، هي سڀ ڪجهه اسان جي مستقبل جي سوچ آهي پر اسان جو عمل اسان

جي اڄ جي ذميداري (*Responsibility*) آهي. اسان پنهنجي دنياوي مستقبل تائين پهچي سگهنداسين يا نه، ان جي ڪنهن کي به خبر نه آهي، پر اسان قبر ۾ ضرور وينداسين، پنهنجا اعمال ساڻ کڻي وينداسين، اهو هر هڪ مسلمان ڄاڻي ٿو- تنهنڪري ضروري آهي ته اسان اڄ کان بلڪ هاڻي کان ئي پنهنجن عملن جي باري ۾ فڪر ڪرڻ شروع ڪريون-

هڪ ڀيري حضرت عثمان بن ابو عاص رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪنهن جنازي سان گڏ قبرستان تشريف کڻي ويا، انهن سان هڪ نوجوان به گڏ هو، ان نوجوان تي جيئن ته ڪجهه غفلت طاري هئي- تنهنڪري حضرت عثمان بن ابو عاص رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان قبر ڏانهن اشارو ڪري، جيڪا ميت جي لاءِ تيار ڪئي وئي هئي، ان نوجوان کي فرمايو: پنهنجي گهر ۾ جهاتي پائي ڏِسُ! نوجوان قبر ۾ جهاتي پائي ڏٺو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کانئس پڇيو: ڇا نظر اچي رهيو آهي؟ وراڻيائين: هڪ تنگ ۽ اونداهو گهر آهي، جنهن ۾ نه ڪاڏو آهي، نه پاڻي ۽ نه اهل و عيال، جڏهن ته منهنجي هن دنياوي گهر ۾ ڪاڏو به آهي، پاڻي به آهي، اهلِ خانه به آهن- حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: تو سچ چيو- خدا جو قسم! جيڪڏهن اڄ تون موٽي پنهنجي دنياوي گهر ۾ واپس هليو به وڃين، تڏهن به توکي هڪ ڏينهن هِن ئي تنگ ۽ اونداهي گهر ۾ اچڻو آهي (تنهنڪري بهتر اهو آهي ته هن گهر جي لاءِ هاڻي کان ئي تياري ڪرڻ شروع ڪر!). [1]

## قَبرَ جا ساٿي

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً عقلمند اهو آهي جيڪو قبر ۾ لهڻ کان پهريان قبر جي تياري ڪري وٺندو آهي، اتي ڪم اچڻ وارا عمل پهريان ئي ڪري ڇڏيندو آهي، اچو ته! اوهان کي ڪجهه اهڙا نيڪ عمل ٻڌايان جيڪي قبر جا ساٿي آهن، قبر ۾ ڪم اچڻ وارا آهن، قبر جي وحشت ۽ تنهائيءَ کان بچائڻ وارا آهن.

### (1 کان 5 تائين): نماز، روزو، حج ۽ زڪوات وغيره

حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي ته جڏهن نيڪ شخص کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته ان جا نيڪ اعمال، نماز، روزو، حج، جهاد ۽ صدقو وغيره

1... الزہد لاحمد بن حنبل، اخبار عبد اللہ بن عمر، صفحہ:255، حدیث:1137بتغیر۔

ان وٽ پهچي ويندا آهن ۞ جڏهن عذاب جا فرشتا سندس پيرن جي طرف کان ايندا آهن تہ نماز چوندي آهي: هِن کان پري رهو، هتي توهان جو ڪو ڪم نہ آهي، هي اِنهن پيرن تي بيهي الله پاڪ جي عبادت ڪندو هو ۞ پوءِ اهي فرشتا مٿي جي طرف کان ايندا آهن تہ روزو چوندو آهن: توهان جي لاءِ هن طرف کان ڪو رستو نہ آهي ڇو تہ دنيا ۾ الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ هن تمام گهڻا روزا رکيا ۽ تمام گهڻي بک ۽ اُڃَ برداشت ڪئي ۞ فرشتا سندس جسم جي ٻين حصن جي طرف کان ايندا تہ **حج ۽ الله پاڪ جي راهہ ۾ نڪرڻ** چوندا آهن: پري ٿيو، هن پنهنجي جسم کي تڪليف ۾ وجهي الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ حج ڪيو ۽ ان جي ئي رضا لاءِ سندس راهہ ۾ نڪتو هو تنهنڪري توهان جي لاءِ هتي ڪا جاءِ نہ آهي ۞ پوءِ اهي هٿن جي طرف کان ايندا تہ صدقو چوندو: منهنجي دوست کان پري ٿيو، هنن هٿن مان ڪيترائي صدقا نڪتا آهن جيڪي خالص الله پاڪ جي رضا لاءِ ڏنا ويا ۽ هنن هٿن مان نڪري اُهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ مقبوليت جي درجي تي فائز ٿيا، تنهنڪري هتي توهان جو ڪو ڪم نہ آهي- پوءِ ان ميت کي چيو ويندو آهي تہ تنهنجي زندگي ۽ موت ٻئي بهترين آهن ۽ رحمت جا فرشتا سندس قبر ۾ جنت جو فرش وِڇائيندا، ان جي لاءِ جنتي لباس آڻيندا، حد نگاهہ تائين سندس قبر کي ڪشادو ڪيو ويندو ۽ جنت جي هڪ قنديل (*Lamp*) سندس قبر ۾ روشن ڪري ڇڏيندا جنهن مان هُو قيامت تائين روشني حاصل ڪندو رهندو. (1)

## ٻہ انڌيرا دُور ٿيندا

منقول آهي تہ: الله پاڪ حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو تہ مان اُمَّتِ محمديہ کي 2 نُورَ عطا ڪيا آهن تہ جيئن اهي ٻن انڌيرن جي نقصان کان محفوظ رهن- موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ياالله پاڪ! اهي 2 نُورَ ڪهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو: هڪ نُورِ رمضان ۽ ٻيو نُورِ قرآن- عرض ڪيائون: موليٰ 2 انڌيرا ڪهڙا آهن؟ فرمايو ويو، هڪ قبر جو ۽ ٻيو قيامت جو. (2)

---

1... مکاشفة القلوب، باب فی بیان القبر و سواله، صفحه:247 بتغيرقليل-

2... دُرّة الناصحين، صفحه:9-

## خوشبودار قبر

حضرت عبد الله بن غالب رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه کي جڏهن دفن ڪيو ويو تہ سندن قبر مان مشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي- هڪ ٻيري ڪنهن کين خواب ۾ ڏسي پڇيو: توهان جي قبر مان خوشبو ڇا جي اچي رهي آهي؟ فرمايائون: تِلْكَ رَائِحَةُ التِّلَاوَةِ وَالظَّمَاءِ يعني اِها تلاوت ۽ روزن جي برڪت آهي-(1)

نَماز و روزہ وحَجّ و زکوٰۃ کی توفیق | عطا ہو اُمّتِ مَحۡبُوب کو سدا یاربّ! (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (6): صبر جا انوار

هڪ ڊگهي حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن مرڻ واري کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ ۞ نماز سندس ساڄي طرف کان ايندي آهي ۞ روزا کاٻي طرف کان ۞ قرآن ۽ ذڪر و اذڪار سندس مٿن کان ۞ ان جو نمازن جي لاءِ هلڻ پيرن کان ۞ ۽ صبر قبر جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويندو آهي- پوءِ الله پاڪ عذاب موڪليندو آهي ۞ تہ نماز چوندي آهي: پوئتي هٽي وڃ چوتہ هي سڄي زندگي تڪليفون برداشت ڪندو رهيو آهي، هاڻي آرام سان ليٽيو آهي ۞ پوءِ عذاب کاٻي طرف کان ايندو آهي تہ روزا بہ اهڙو ئي جواب ڏيندا آهن ۞ مٿن کان ايندو آهي تڏهن بہ اِهو ئي جواب ملندو آهي، مطلب تہ عذاب ڪنهن بہ طرف کان سندس ويجهو نہ اچي سگهندو آهي جنهن بہ طرف کان اچڻ چاهيندو آهي، ان طرف کان الله پاڪ جي دوست کي محفوظ ڏسندو آهي تنهنڪري اُهو اتان هليو ويندو آهي ۞ ان وقت صبر سيني عملن کي چوندو آهي تہ مون ان ڪري نہ ڳالهايو جو جڏهن توهان سڀ عاجز ٿي وڃو ها تہ مان ڳالهايان ها، پر مان هاڻي پل صراط ۽ ميزان تي ڪيس ڪم ايندس-(3)

---

1... حلية الاولياء، جلد:6، صفحه:266-267 ، رقم:8553 ملتقطاً-
2... وسائلِ بخشش، صفحه:88-
3... موسوعه ابن ابی دنيا، ڪتاب ذکر الموت، جلد:5، صفحه:473، رقم:254-

## (7) مسجدن کي روشن ڪرڻ جي برڪت

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته جنهن الله پاڪ جي مسجدن کي روشن ڪيو، الله پاڪ ان جي قبر کي روشن فرمائيندو ۽ جنهن انهن ۾ خوشبوئون رکيون ته الله پاڪ جنت ۾ ان جي لاءِ خوشبو مهيا ڪندو. (1)

## (8) مريضن جي عيادت ڪرڻ

مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: الله پاڪ جي سيني کان آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام الله پاڪ کي عرض ڪيو ته مريض جي عيادت ڪرڻ واري کي ڪهڙو اجر ملندو؟ ته الله پاڪ فرمايو: ان جي لاءِ 2 فرشتا مقرر ڪيا ويندا جيڪي قيامت تائين روزانو سندس قبر ۾ عيادت ڪندا رهندا. (2)

## (9): سورة مُلڪ پڙهڻ جو انعام

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: جڏهن ٻانهو قبر ۾ ويندو ۞ ته عذاب سندس پيرن جي طرف کان ايندو ته ان جا پير چوندا: تنهنجي لاءِ منهنجي طرف کان ڪو رستو نه آهي، چو ته هي رات جو سورت ملڪ شريف پڙهندو هو ۞ پوءِ عذاب سندس سيني يا پيٽ جي طرف کان ايندو ته هُو چوندو ته تنهنجي لاءِ منهنجي طرف کان ڪو رستو نه آهي، چو ته هي رات جو سورت ملڪ شريف پڙهندو هو ۞ پوءِ اهو ان جي مٿن کان ايندو ته سندس مٿو چوندو ته تنهنجي لاءِ منهنجي طرف کان ڪو رستو نه آهي، چو ته هي رات جو سورت ملڪ شريف پڙهندو هو- يعني اِها سورت روڪڻ واري آهي، قبر جي عذاب کي روڪيندي آهي، تورات ۾ اَن جو نالو سُورت مُلڪ آهي. جيڪو ان کي رات جو پڙهندو آهي اُهو تمام بهترين ۽ سنو عمل ڪندو آهي. (3)

---

1... شرح الصدور، الباب الواحد و الثلاثون...الخ، صفحه:116، رقم:11۔
2... شرح الصدور، الباب الواحد و الثلاثون...الخ، صفحه:116، رقم:12۔
3... مستدرک ،کتاب التفسیر ، باب المانعة من عذاب القبر ، جلد:3، صفحه: 322، حديث:3892۔

## (10): سورت يٰس شريف جي برڪت

يمن ۾ جڏهن ماڻهو هڪ مردي کي دفن ڪري واپس ٿيڻ لڳا تہ انهن قبر مان مارڻ ڪُٽڻ جو آواز ٻڌو- پوءِ اوچتو قبر مان هڪ ڪارو ڪتو ظاهر ٿيو، هڪ شخص پڇيو: تون ڪير آهين؟ هن جواب ڏنو: مان ميت جو برو عمل آهيان- پڇيو ويو: مارَ ڪُٽَ توکي ٿي رهي هئي يا ان مردي کي؟ هن چيو: مون کي ئي ٿي رهي هئي، چوتہ سورت يٰس شريف ۽ ٻيون سورتون وٽس موجود هيون، اُهي منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ حائل ٿي ويون ۽ مون کي ماري ڀڄايائون. (1)

## (11): سورت سجده شفاعت ڪندي

حضرت خالد بن معدان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ سورت سجدهٔ شريف قبر ۾ پنهنجي پڙهڻ واري جي باري ۾ جهيڙو ڪندي ۽ عرض ڪندي: يا الله پاڪ! جيڪڏهن مان تنهنجي ڪتاب مان آهيان تہ ان جي حق ۾ منهنجي سفارش قبول فرماءِ ۽ جيڪڏهن مان تنهنجي ڪتاب مان نہ آهيان تہ مون کي پنهنجي ڪتاب مان مٽائي ڇڏ- سورت سجدهٔ شريف پکيءَ وانگر هوندي ۽ پنهنجا پَرَ پڙهڻ واري جي مٿان ڦهلائي ڇڏيندي، سندس حق ۾ شفاعت ڪندي ۽ کيس قبر جي عذاب کان بچائيندي- (2)

## (12): سورت زِلزاَل شريف پڙهڻ جون برڪتون

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي: جنهن جمعي جي ڏينهن مغرب کان پوءِ 2 رڪعتون نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ شريف کان پوءِ سورت زِلزال شريف 15 ڀيرا پڙهي، تہ الله پاڪ ان تي ساهہ نڪرڻ جي وقت نرمي عطا فرمائيندو ۽ کيس عذابِ قبر کان محفوظ فرمائيندو. (3)

---

1... شرح الصدور، الباب الخامس و الثلاثون...الخ، صفحہ:134، رقم:11۔

2...در منثور، پاره:21، سورة سجده، جلد:6، صفحہ:535۔

3...الترغيب للاصفهانى ، جلد:1، صفحہ:522، حديث:946۔

## (13): سورة اِخلاص شريف پڙهڻ جا فائدا

حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن مرض الموت ۾ سورت اخلاص شريف پڙهي، ته اُهو قبر جي فتني ۽ ان جي دٻائڻ کان محفوظ رهندو- (1)

## (14): شبِ جمعه درود پڙهڻ

بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو ته جيڪو شخص هر شبِ جمعه (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) هي درود شريف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

پابنديءَ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو، ته اُهو موت جي وقت سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به، ايتري تائين جو هُو ڏسندو ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجن رحمت وارن هٿن سان قبر ۾ لاهي رهيا آهن. (2)

## (15): تَهَجُّد جو نُور

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري حضرت ابو ذر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن سفر لاءِ روانا ٿيندا آهيو ته ڪيتري تياري ڪندا آهيو! ته پوءِ قيامت جي تياري جو حال ڇا هوندو! اي ابو ذر! ڇا مان توکي اهڙي شيءِ جي باري ۾ نه ٻڌايان جيڪا توکي قيامت جي ڏينهن نفعو پهچائي؟ حضرت ابو ذر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ضرور فرمايو: پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سخت گرميءَ جي موسم ۾ حشر جي لاءِ روزو رکو ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ 2 رڪعتون پڙهو ته جيئن قبر ۾ روشني ٿئي. (3)

---

1... معجم اوسط، جلد:4، صفحه:222، حديث:5785-

2... افضل الصلوات على سيد السادات ، صفحه:151ملخصًا -

3... موسوعه ابن ابی دنيا، كتاب التهجد و قيام الليل، جلد:1، صفحه:247، حديث:10-

## (16): ماڻھن کي تڪليف نہ ڏيڻ جو انعام

روايت ۾ آھي: جيڪو ماڻھن کي تڪليف پھچائڻ کان باز رھيو، الله پاڪ ان کي قبر جي تڪليف کان بچائيندو. [1]

## (17): صدقو ڏيڻ سان قبر جي گرمي دور ٿيندي آھي

حديث پاڪ ۾ آھي: بيشڪ ڪنھن شخص جو صدقو سندس قبر مان گرمي دور ڪري ڇڏيندو آھي ۽ قيامت جي ڏينھن مومن پنھنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ ھوندو. [2]

## (18): مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جو ثواب

مڪي مدني، رسول ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص ڪنھن مومن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آھي تہ الله پاڪ ان خوشيءَ مان ھڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آھي، جيڪو الله پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر ۾ مشغول رھندو آھي. جڏھن اھو شخص قبر ۾ ھليو ويندو آھي تہ اھو فرشتو سندس ويجھو اچي ڪائنس پڇندو آھي: ڇا تو مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟ اھو شخص چوندو تہ تون ڪير آھين؟ جنھن تي فرشتو چوندو تہ مان اُھا خوشي آھيان جيڪا تو فلاڻي شخص جي دل ۾ داخل ڪئي ھئي، اڄ مان تنھنجي وحشت ۾ توکي راحت پھچائيندس ۽ سوالن جي جوابن ۾ ثابت قدم رکندس ۽ توکي قيامت جي ڏينھن جا منظر ڏيکاريندس ۽ تنھنجي لاءِ تنھنجي رب جي بارگاھ ۾ سفارش ڪندس ۽ توکي جنت ۾ تنھنجو نڪاڻو ڏيکاريندس. [3]

پيارا اسلامي ڀائرو! مرڻ کان پوءِ قبر جي تنھائين، وحشتن، گھبراھٽن ۽ اونداھين ۾ ڪم اچڻ وارن عملن بابت اسان ٻڌو ۞ نماز ۞ روزو ۞ حج ۞ زڪوات قبر ۾ ڪم ايندا، عذاب کان بچائيندا ۞ رمضان ۽ قرآن قبر ۽ قيامت جو انڌيرو دور ڪندا ۞ تلاوت ۽ روزا قبر ۾ خوشبوءِ جو سبب

---

1... معجم كبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

2... معجم كبير، جلد:7، صفحہ:140، حديث:14207۔

3... الترغيب و الترهيب، كتاب البر و الصلة و غيرهما، الترغيب فى قضاء...الض، صفحہ:843، حديث:23۔

ٻڌجندا ۞ صبر قبر ۾ روشني ڪندو ۽ پل صراط ۽ ميزان تي ڪم ايندو ۞ مسجدن کي روشن ڪرڻ ۞ قبر جي روشنيءَ جو سبب ٻڌجندو ۞ مريض جي عيادت ڪرڻ واري مسلمان جي لاءِ 2 ملائڪ روزانو قبر ۾ سندس عيادت ڪندا ۞ سورت ملڪ شريف جي تلاوت قبر جي عذاب کان بچائيندي ۞ سورت يٰس شريف قبر مان عذاب کي پيچائيندي ۞ سورت سجده شريف عذابِ قبر کان بچائيندي ۞ سورت زِلزَال شريف پڙهڻ جي برڪت سان سڪراتِ ۾ آساني، قبر جي عذاب کان حفاظت ۽ پل صراط تي ثابت قدمي عطا ٿيندي ۞ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ، قبر ۾ روشني ۽ راحت جو سبب ٻڌجندو ۞ نمازِ تهجد قبر ۾ روشني ڪندي ۞ صدقو، قبر جي گرميءَ کي دور ڪندو ۞ مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي سبب، قبر جي وحشت ۾ راحت ملندي ۽ نڪيرين جي سوالن جي جوابن ۾ ثابت قدمي عطا ٿيندي-

| | |
|---|---|
| جوابِ قبر میں مُنکَر نکیر کو دوں گا | تِرے کرم سے اگر حوصلہ ملا یاربّ! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ شبِ براءَت آهي، هي نيڪ اعمال اپنائڻ جي نيت ڪريو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ماهِ رمضان ڪريم به اچڻ وارو آهي-

| | |
|---|---|
| عَجِّلْ عَجِّلْ یا رمضان | جان مِری تجھ پر قربان |
| آ بھی جا ماہِ سُبْحٰن | جلدی جلدی آ رمضان |
| جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آجاتی ہے جان |
| خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن |
| مجھ کو مدینے میں رمضان | کاش! میسر ہو رحمٰن |
| آجا آ بھی جا رمضان | تجھ پہ فِدا عطّارؔ کی جان |

الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان ڏسڻ، ان ۾ خوب روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ نصيب فرمائي- رمضان شريف جي هڪ اهم ترين عبادت اعتڪاف بہ آهي- نفلي اعتڪاف تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنتِ مؤڪده آهي، اهو رمضان شريف ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي جڏهن تہ آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف تہ اسان جي آقا و مولا، تاجدارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو محبوب هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جو تمام گهڻو اهتمام فرمائيندا هئا- ايسيتائين جو هڪ دفعي ڪنهن سبب ڪان رمضان شريف ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو.[1]

## اعتڪاف جون فضيلتون

۞ مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْها کان روايت آهي: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّ اِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو تہ ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا.[2] ۞ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن رمضان شريف ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو تہ اهو ائين آهي جيئن ان 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.[3]

## اجتماعي سنت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو-

---

1... بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحہ:533،حدیث:2041۔
2... جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8480۔
3... جامع صغير، صفحہ:516، حديث:8479۔

اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي آخري ڏهاڪي جو اجتماعي سنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي. ان سان گڏوگڏ سڄي مهيني جو اعتڪاف بہ ٿيندو آهي. هن ڀيري سڄي پاڪستان ۾ 29 هنڌن تي جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ 130 هنڌن تي سڄي مهيني جو اعتڪاف ٿي رهيو آهي. توهان بہ سڄي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو! بلڪ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪريو! ڇو تہ اُتي وقت جي ڪامل ولي شيخِ طريقت، امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي تہ ان جون برڪتون ئي الڳ هونديون- اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! رمضان شريف ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو-

## شعبان جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! شعبان شريف جاري آهي. هي مهينو وڏين برڪتن ۽ عظمتن وارو آهي، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ ڪثرت سان نفل روزا رکندا هئا. مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شعبان شريف کان وڌيڪ ڪنهن بہ مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چند ڏينهن کانسواءِ سڄي مهيني جا روزا رکندا هئا. [1] (4): هڪ ڀيرو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ڪيو ويو: رمضان کانپوءِ ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روزا رکڻ. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سڀاڻي 15 شعبان شريف آهي. خوش نصيب اسلامي ڀائر 15 شعبان جو روزو رکڻ جي سعادت حاصل ڪن. اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن شعبان

1... ترمذی، کتاب الصوم، باب ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حدیث:736۔
2... ترمذی، کتاب: زکوۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

جي درمياني (يعني 15هين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪريو، ڏينهن جو روزو رکو. جن ڪان ٿي سگهي ضرور روزو رکن. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ شعبان شريف جي روزن جي بهار آهي، مختلف هنڌن تي سحري اجتماعن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو وڃي، مَاشَآءَ الله! ڪيترائي عاشقانِ رسول روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن. توهان بہ نفل روزن جي تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! شعبان شريف جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون، الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. الحمد لله! ❀ ڪنز المدارس بورڊ (*Board Kanzul Madaris*) جي نالي سان دعوت اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ❀ هزارين جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*)، فرض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ❀ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) ۾ طلباء جو تعداد لکن ۾ آهي ❀ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي ❀ فيضان آن لائن اڪيڊمي (*Faizan Online Academy*) جي ذريعي ديني تعليم ڏني پئي وڃي ❀ ديني ۽ شرعي رهنمائي جي لاءِ دارالافتاء اهلِ سنت قائم ڪيا ويا آهن ❀ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (*literature*) تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي ❀ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ اشاعتي ادارو

مڪتبة المدينہ قائم ڪيو ويو آهي ❁ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڏوم مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلس شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن ❁ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعدي پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهہ) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن ❁ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي بہ دين جي خدمت جو سلسلو جاري آهي ۞ پرنٽ ميڊيا ۾ (ڪيترين ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضان مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب (*Youtube*)، فيسبڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي مجموعي طور تقريباً 7 ڪروڙ فالوورز (*Millions Followers*) آهن جڏهن تہ مجموعي طور ويوز جو تعداد بلين (*Billions*) ۾ آهي ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگلا، ڪدز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌنڌڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: جامعة المدينہ

**پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ آهي**: عالم بڻجو! طالبِ علم بڻجو! يا (گهٽ ۾ گهٽ) عالمن سان محبت ڪرڻ وارا ٿي وڃو! چوٿون نه ٿيو، نه ته هلاڪ ٿي ويندؤ.[1] يعني دين سکڻ، سيکارڻ ۽ اهڙن سان محبت ڪرڻ ئي هلاڪت کان بچڻ جو ذريعو آهي.

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي ۞ علمِ دين جو نور ورهائڻ ۞ معاشري کي سڌارڻ ۞ ماڻهن جي عقيدن ۽ عملن جي اصلاح ڪرڻ ۞ عشقِ رسول جا جام پيارڻ سان گڏوگڏ، اُمت کي باعمل علماء مهيا ڪرڻ ۾ به مصروفِ عمل آهي- هن مقصد جي لاءِ ملڪ جي اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ شعبي جامعة المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) جي تحت 1500 کان وڌيڪ جامعة المدينہ قائم آهن، جن ۾ تقريبن 1 لک 28 هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون علمِ دين حاصل ڪري رهيا آهن.

هن شعبي جي تحت ۞ درسِ نظامي (عالم ڪورس) ۞ مختلف تخصصات (*Specialization*) مثلاً اَلتَّخَصُّصُ فِي الحَدِيثِ وَعُلُومِهِ، اَلتَّخَصُّصُ فِي الفِقْهِ الحَنَفِيِّ (يعني مفتي ڪورس)، اَلتَّخَصُّصُ فِي الفِقْهِ الحَنَفِيِّ وَالاِقْتِصَادِ الإِسْلَامِيِّ (يعني اسلامي معيشت ڪورس)، اَلتَّخَصُّصُ فِي العُلُومِ العَرَبِيَّة (يعني عربي زبان ۾ مهارت)، اَلتَّخَصُّصُ فِي الفُنُونِ (يعني مختلف علمن ۾ مهارت)، اَلتَّخَصُّصُ فِي التَّوْقِيتِ (يعني علم توقيت ۾ مهارت)، فيضانِ شريعت ڪورس، امامت ڪورس وغيره ڪرايا ويندا آهن ۞ ڪجھ شاخن ۾ ديني علم سان گڏوگڏ عَصري علم به پڙهايا ويندا آهن ۞ شاگردن کي هاسٽل(*Hostel*)، ميس (*Mess*)، ميڊيڪل (*Medical*) جهڙيون سهولتون مفت مهيا ڪيون وينديون آهن ۞ هوشيار شاگردن کي اسڪالر شپ (يعني وظيفو) پڻ ڏنو ويندو آهي.

پنهنجن ٻارن کي ۞ ديني ۽ دنياوي تعليم ڏيارڻ، ۞ باطني تربيت ڪرائڻ،

---

1… دارمی، صفح 96، حديث:254 ـ

۞ سنتن جو پيڪر بڻائڻ، ۞ نيڪوڪار ۽ بااخلاق بڻائڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو- جامعة المدينہ جون داخلائون پهرين رمضان الڪريم کان وٺي 10 شوال شريف تائين جاري رهنديون.

الله پاڪ اسان جي دعوتِ اسلامي کي ڏينهن رات ترقيون عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم -

## مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بہ علمِ دين سکڻ ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان ڪيتريون ئي معلوماتي ۽ علمي مواد سان ڀريل موبائل ايپليڪيشنون جاري ڪيون ويون آهن-

مثلاً: ❀ صراط الجنان قرآن اينڊ تفسير: جنهن ۾ ۞ مڪمل قرآن ڪريم ۞ ترجموڪنزالايمان ۞ آسان ترجمو ڪنزالعرفان ۞ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صراط الجنان شامل آهي. ❀ فيضان حديث: جنهن ۾ حديث پاڪ جا مختلف ڪتاب مثال طور: ۞ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۞ الأربَعِيْنِ النّووِيَّة اردو ترجمي ۽ شرح سان ۞ رِياضُ الصَّالِحِين اردو ترجمي ۽ تشريح سان ۞ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ۞ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) اَنْوَارُ الْحَدِيْث (اردو) شامل آهن.

❀ دار الافتاء اهل سنت: هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان کي ملنديون: ڪيترن ئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جون تحريري فتوائون ۞ عقائد ۞ قرآن ۽ حديث ۞ وضوء، غسل ۽ ناپاڪي ۞ نماز ۞ ڪفن ۽ دفن بابت مسئلا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ

❀ اسلامڪ اي بڪس لائبريري: هيءَ ايپلي ڪيشن ڄڻ تہ ڪو علمي خزانو

آهي ۞ جنهن تان اردو، انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ئي زبانن ۾ هزارين اسلامي ڪتاب مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۞ ڪتابن کي ڊائون لوڊ ڪري انهن کي آف لائن پڙهڻ جي لاءِ پي ڊي ايف جي ذاتي لائبريري ۾ محفوظ بہ ڪري سگهجي ٿو- انهن سڀني ايپليڪيشنز کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ بہ علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ حاصل ڪيو.

## ڪجھ ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلان ٻڌي وٺو! شبِ برات ۞ مغفرت ۞ رحمت ۞ ۽ بخشش جي عظيم رات! هن بابرڪت رات جي مناسبت سان مڪتبة المدينہ جي طرفان توهان جي لاءِ 3 تمام اهم ۽ ايمان افروز رسالا پيش ڪيا پيا وڃن: (1): يٰسين شريف: جنهن ۾ يٰسين شريف پڙهڻ جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن. (2): فيضانِ يٰسين: جنهن ۾ يٰسين شريف سان گڏوگڏ شبِ برات ۾ پڙهي ويندڙ مسنون دعا بہ شامل آهي. (3): قبر وارن جون 25 حڪايتون

توهان رسالو ۞ يٰسين شريف 60 روپيہ ۞ رسالو فيضانِ يٰسين: وڏو سائيز 30 روپيہ ۽ ننڍو سائيز 25 روپيہ ۞ رسالو قبر وارن جون 25 حڪايتون 17 روپين ۾ قيمت ڏئي طلب ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

تاجدارِ رسالت. شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ (يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو). [1]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

1… تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# ڳھٽِ کائڻ سنت آھي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏھن ٻانھو پنھنجي کائڻ ۾ ڪمي ڪندو آھي تہ سندس سينو نور سان ڀريو ويندو آھي.[1]

اي عاشقانِ رسول! ۞ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بک کان گھٽ کائيندا ھئا ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيسيتائين دنيا ۾ تشريف فرما رھيا، ڪڏھن بہ لڳاتار 2 ڏينھن پيٽ ڀري نہ ڪاڌائون[2] ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بک جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا ھئا.[3]

**ڪاڌي جي مقدار بابت احڪام:** ۞ بک رکي کائڻ ڳھرجي ۞ جيتري بک آھي، اوترو کائڻ مباح آھي (يعني ان ۾ نہ گناھ آھي، نہ ثواب) ۞ پيٽ ڀري ايترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان ھجي تہ اِھو حرام آھي ۞ پيٽ ڀري ايترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ ھجي، اِھو مڪروھ آھي ۞ غذا ۾ ايتري گھٽتائي ڪري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل پوي، اِھو ناجائز آھي.[4]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بھارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اھل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙھو. سنتون سکڻ جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آھي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469۔
2... شمائل ترمذی، باب ماجاء صفة خبز رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلہ وَسَلَّم، صفحہ:129، حديث:150۔
3... ترمذی، کتاب الزہد، باب ما جاء فی معيشة...الخ،صفحہ:565،حديث:2371 مفہوماً۔
4... بہارِ شَرِيْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374-375ملتقطاً۔